# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLIII OF 2002
# سنڌ آبڪاري (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH ABKARI (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1878 جي سنڌ ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act V of 1878

# سنڌ آرڊيننس نمبر XLIII مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XLIII OF 2002
# سنڌ آبڪاري (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH ABKARI (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[31 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبڪاري (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

| | |
|---|---|
| commencement | |
| 1878 جي سنڌ ايڪٽ V جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of section 3 of Sindh Act V of 1878 | 2. سنڌ آبڪاري ايڪٽ، 1878 جي ذيلي دفعہ (15) ۾، شق (c) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:<br>"(d) ميٿانول".<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |